ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ

# شاه جي ڪلام ۾ روحاني حسن

حسن جي فطري خوبي اها هوندي آهي تہ هو جنهن بہ حواس تائين پهچي انهي کي پاڻ ڏي ڪشش ۾ رکي. ٻين لفظن ۾ حسن کي ڪشش هوندي آهي. جيڪا ڏسندڙن کي پاڻ ڏي متوجه ڪري ٿي. حسن کي عام طور تي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي: هڪ فطري حسن ۽ ٻيو غير فطري يعني اهو حسن جيڪو ڪنهن کي فطرت کان مليل هجي ۽ ٻيو جيڪو هٿ سان حسن پيدا ڪيو وڃي. فطري حسن ۾ زندگي ۽ تازگي هوندي آهي، جيڪا انهي ۾ حسن جي اهليت کي زنده رکندي آهي. ليڪن ٻي مصنوعيت هميشہ اصليت کي زنده نہ رکندي آهي پر اها اصليت کي لڪائي مصنوعيت کي ظاهر ڪندي آهي جنهن ۾ حقيقت ڪارفرما نہ هوندي آهي ۽ فطري حسن ۾ حقيقت ڪارفرما هوندي آهي، جيڪا حقيقت جو اظهار هوندي آهي. تنهن ڪري حقيقي حسن جي ڪشش عشق جي حد هوندي آهي. انهي ڪري چئبو تہ جتي فطري حسن هوندو، اتي عشق ضرور ڪارفرما هوندو. جيئن چڪمڪ جي خوبي ڪشش هوندي آهي، تيئن حسن جي خوبي بہ ڪشس هوندي آهي. ليڪن جتي حسن هوندو، اتي انهيءَ جي حد بہ مقرر هوندي ۽ انهي حد تي عشق ضرور ڪارفرما هوندو آهي ۽ اهڙي ريت جيترو حسن وڌيڪ هوندو اوترو عشق وڌيڪ هوندو ۽ انهي ۾ پختگي بہ اوتري هوندي آهي، عشق بہ ڪامل هوندو. پر حسن ڪامل فقط حق حقيقي ۾ ملي ٿو. تنهنڪري عشق بہ اهوئي ڪامل آهي جو حق حقيقي سان تعلق رکي ٿو.

صوفين جو عشق الله لاءِهوندو آهي، جيڪو حقيقي ۽ حق آهي تہ پوءِ جنهن ۾ الله جو جلوو ۽ حسن يا نور نظر اچي ٿو انهي سان صوفي محبت ڪري ٿو ۽ انهي ۾ ئي هن جي اصليت هن کي نظر اچي ٿي جيئن شاه چوي ٿو تہ:

جيڏانهن ڪريان پرک، تڏانهن سڄڻ سامهون.

وري چوي ٿو تہ؛

پـاڻـہ جـل جـلالـہ، پـاڻـہ جـان جمال
پاڻہ صورت پري جي، پاڻہ حسن ڪمال
پـاڻـہ پير مريـد ٿـئي، پـاڻـہ پـاڻ خيال
سڀ سيوئي حال، منجهائي معلوم ٿئي.

صوفي جڏهن حقيقت کي محسوس ڪري ٿو تڏهن هر شيءِ ۾ فطرت جو حسن ڏسي ٿو ۽ انهي جو جلوو پسي، انهي سان محبت ڪري ٿو. انهي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ "صوفين جو محبوب حق حقيقي آهي سندن عشق پاڪيزه آهي هن جي نظر ۾ هر اهو حسن نظر اچي ٿو جيڪو پاڪ آهي. جيئن شاه چوي ٿو تہ؛

مـونـکـي اکـڙين، وڏا ٿـورا لائـيـا
تہ پڻ پرين پسن، ڪٿا جي ڪر سامهون.

جئن تہ فطري حسن ۾ محبوب حقيقي جي نور جون تجليون هونديون آهن، تنهن ڪري صوفي حقيقي حسن جا عاشق هوندا آهن. انهي جي ساراهہ ڪان سواءِ رهي نہ سگهندا آهن ۽ هن جي نظر ۾ حقيقي حسن جي هر خوبي انهيءَ جي اهميت ۽ انهي جو قدر هن جي علم جي ميزان ۾ ترندو رهندو آهي ۽ اهو وزن الله سان عشق رکندڙن لاءِ ايترو تہ وزني هوندو آهي جنهن جي ڪا انتهائي نہ هوندي آهي هي سچو وقت انهي جي قدرداني ڪندي نہ ڍاپندا آهن جنهن جي ڪا انتها نہ هوندي آهي. تن بابت شاه چيو آهي تہ:

لوچان ٿي لاحد ۾، هـادي لهـان نــہ حــد
سپيريان جي سونهہ جو، نڪو قد نہ مد
هن سڪڻ بي عدد، هت پري پروا ناه ڪا.

ڪشش ۽ خواهش ٿي هوندي آهي جنهن جي محبت حاصل ڪرڻ لاءِ يا خواهش کي پوري ڪرڻ لاءِ وري قرباني ڏيڻ درڪار هوندي آهي. جنهن لاءِ تڪليفون برداشت ڪرڻيون پون ٿيون، ۽ انهن کان پوءِ بہ ڪڏهن ڪاميابي ٿئي ٿي تہ ڪڏهن ناڪامي. پر نااميد نہ ٿيڻ گهرجي نہ ٿي بيصبر ٿيڻ گهرجي ڇو تہ تصوف ۾ اهي

ٻئي ڳالهيون ڪفر ۾ شمار ڪيون وڃن ٿيون جنهن لاءِ شاهه فرمايو آهي ته:

جن کي دورو درد جو، سبق سور پڙهن،
فڪر ڦرهي هٿ ۾، ماٺ مطالع ڪن،
پنو سو پڙهن، جه ۾ پسن پرين کي.

انهي لاءِ صوفي ڏيڻ تي رنج ٿيندا آهن ۽ نه ڦيڻ تي خوش ٿيندا آهن جنهن لاءِ شاهه چوي ٿو ته:

ڏني ڏکويا، آڻ ڏني راضي ٿيا،
صوفي تي ٿيا، جن ڪين ڪنيائون پاڻ سين.

جيڪڏهن ڪنهن صوفي کي حقيقي حسن جي پرک جي قوت نه هوندي آهي ته پوءِ هو ظاهر يا جسماني حسن جي تعريف ڪندو آهي، انهي لاءِ ته پاڻ کي ذهني طور تي حقيقي حسن کي سڃاڻڻ لاءِ تيار ڪري سگهي ۽ اهڙي ريت هي دنيوي حسن مان حقيقي حسن کي ڳوليندو آهي. جڏهن دنيوي حسن کي چڱي ريت سڃاڻي وٺي ٿو، تڏهن هن کي حقيقي حسن کي سڃاڻڻ جو رستو ملندو آهي جيڪو هن جو مقصد هوندو آهي. انهي ڪري دنيوي عشق جي مدد سان حقيقي عشق کي حاصل ڪن ٿا ۽ دنيوي عشق ۾ حقيقي عشق کي ڳولين ٿا.

حسن جي معنيٰ آهي ته "اهڙي شيءِ جيڪا تمام بيحد پياري ۽ سزاوار حمد و ستائش هجي" جنهن ۾ ڏسڻ يا محسوس ڪرڻ کي هيٺيون ڳالهيون حاصل ٿين:-

ڀرپورائين اکين کي فرحت ڏيندڙ انتهائي طمانيت بخش ۽ سرور انگيز هجي، ۽ اها فرحت سڀ حواس، قلب، روح ۽ نفس محسوس ڪري. انهي کي اصطلاحن قرة العين چيو وڃي ٿو.

پيو اهڙو مشاهدو جيڪو سچو خالص هجي، جنهن جو مقصد حڪيمانو ۽ فڪري هجي ۽ جيڪو جمالياتي هجي، جنهن مان جمالياتي حظ، سرور ۽ سوز به ملي. اهڙي مشاهدي کي اصطلاحن مشاهده بالحق چيووڃي ٿو.

جمالياتي حظ ۽ سرور مان مراد خالص لذت ۽ مسرت آهي جنهن جي ڪري حواس، قلب، نفس ۽ روح کي طمانيت سرور انگيز فرحت پهچي.

جماليـاتي درد ۽ سوز جو وري مطلب آهي تہ خالص سرور انگيز غم ۽ محبت جيڪا محبت ڪندڙ کي يا طالب کي محبوب کان يا مطلوب کان ملي ٿي ۽ جنهن جي ڪري هن جو تزڪيہ نفس ٿئي ٿو.

دنيوي جيڪو بہ ڏک ۽ سوز ملي ٿو انهي سان دل کي اذيت ملي ٿي پر جمالياتي درد ۽ سوز مان قلب کي مزو حظ حاصل ٿئي ٿو هن جو تزڪيہ نفس ٿئي ٿو ۽ زندگي جي لذت، جمال ۽ جلال جو سرور ۽ فرحت محسوس ٿئي ٿي جيئن شاه فرمايو آهي تہ:

ڪاتي تکي مَ ٿـئي، مـنيـائي هـوءِ،
مان ور من توءِ، مون پريان جا هٿڙا.

انهي ڪري چيو ويندو آهي تہ ذوق حسن جمالياتي ذوق آهي، جنهن سان سوز نہ پر سرور، مصيبت نہ پر صحت حاصل ٿئي ٿي، جيئن شاه جو بيت آهي تہ:

سور جنين کي سرئو، سري تن صحت،
مـٺـي مـصيبـت آهي عـاشـقـن کـي.

ذوق حسن مان مراد جمالياتي ذوق آهي، جيڪو قدرت جي جمال ۽ جلال مان ملي ٿو. جيئن قدرت هر شئي جا جوڙا خلقيا آهن، تيئن ذوق حسن ۽ جماليات ۾ بہ سرور ۽ سوز جا جوڙا آهن، جنهن ۾ اثباتي (Positive) ۽ منفي (Negative) قـوتون هونديون آهن. اهڙي ريت قـدرتي صـفتن ۾ جـمـال ۽ جلال بہ قـوتون آهن جنهنجي گڏيل نالي کي يعني جوڙي کي حسن سڏيو ويو آهي.

جمال ۾ جيڪي قدرت جون خوبيون آهن سي آهن،

محبوبيت، معبوديت، لطافت، نزاڪت، عفت، حيا، محبت، رحمت، قدسيت، طهارت، غنا ۽ صمديت جون صفتون گهڻيون هونديون آهن. اصل ۾ جمال ۽ جلال، ٻئي حسن جا صفاتي عنصر آهن. جماليت مان سرور ملي ٿو، جلال ۾ وري قدرت جون هي خوبيون ملن ٿيون يا شمار ڪيون وڃن ٿيون:- عظمت، ڪبريائي، خوف، دٻدٻو، وسعيت هيبت، جبرويت، قهريت، جباريت، سبحانيت ۽ ربوبيت وغيره. جلاليت مان سوز حاصل ٿئي ٿو.

قرآن حڪيم ۾ رڳو ٻن حواسن جو ذڪر ملي ٿو جيڪي جمالياتي

ٻہ شريڪ نہ آهي ۽ هي هڪ ئي رب العالمين ۽ اڪيلو سيني جو الله آهي.

صاحب نظر انسان اهو هوندو آهي جيڪو ذوق ۽ شوق رکي ٿو. جنهن ۾ جمالياتي حسن زنده آهي ۽ هو حسن ۽ انهي جي لذت کان آشنا هوندو آهي ۽ انهي جي آرزو ۽ جستجو رکندو آهي.

اهل درد اهو انسان آهي جيڪو جمالياتي غم ۽ محبت رکي ٿو جيڪو انسانيت يا پوري مخلوق جو غم يا محبت رکي ٿو ۽ انهي کي انفسي ۽ آفاقي جمالياتي غم ۽ محبت سان تعبير ڪيو ويندو آهي ڇو تہ اهو حسن حقيقي جي حوالي سان هن جو حسن خالص ۽ سچو غم يا محبت هوندي آهي. تنهنڪري انهي غم کي يا محبت کي جمالياتي حسن چئون تہ بيجاءِ نہ ٿيندو.

سالڪ معنيٰ اهو انسان جيڪو پنهنجي خوش اخلاقي سان پٿر کي باڻي بنائي. لوهہ کي ميڻ بنائي، ٻاه کي گلزار بنائي، خزان کي بهار بنائي ۽ ظالم کي رحم دل بنائي.

صاحب حسن و سرور مان مراد اهو انسان هوندو آهي جنهن جو باطن يا ذات حسن نور سان منور ۽ طمانيت ۽ مسرت سان معمور هجي ۽ انهي کي جمالياتي انسان بہ چئي سگهون ٿا ۽ اهوئي مرد ڪامل مثالي انسان هوندو آهي.

محسن اهڙي انسان کي چيو ويجي ٿو جيڪو صاحب حسن خلق و مرد ڪامل هجي. احسان ڪرڻ هن جو شعار هجي ۽ پنهنجي فرض کي سهڻي نموني سان پايه تڪميل تائين پهچائڻ جو عادي هجي. لفظ احسان جو مطلب آهي اهڙو احسن سلوڪ ڪجي جيڪو ٻين کي مطمعين ۽ خوش ڪري.

احسان جا بہ جمالياتي مقام آهن جنهن مان هڪ مقام "مشهوديت" چيو ويجي ٿو ۽ ٻئي کي "شاهديت" سان تعبير ڪيو ويجي ٿو. مشهوديت تي فائز انسان پنهنجي الله جي نظر ۾ هوندو آهي ۽ بندي کي انهي حقيقت جو احساس ۽ شعور هوندو آهي. انهي کان اعليٰ مقام شاهديت جو آهي جنهن ۾ بندي جو منظور نظر هن جو الله هوندو آهي ۽ هن کي دوستي جي سعادت عظمت حاصل هوندي آهي.

صالح هڪ جامع ۽ مانع اصطلاح آهي. هنجي معني آهي تہ اهڙو انسان جو

تعاليٰ انسان کي باطني حسن جي انتهائي لطف و ذوق پرکڻ جو نظام ڏنو آهي جيکو آزاد ۽ خودمختيار آهي. اهو جمالياتي حسن آهي جنهن ڪري انسان جمالياتي مشاهدو ڪري ٿو ۽ جمالياتي قدر مقرر ڪري ٿو ۽ انهن مان جمالياتي حظ ۽ سرور، درد ۽ سوز ۽ جمالياتي ثروت حاصل ڪري ٿو ۽ اهو سڀ الله جي مرضي مطابق ٿئي ٿو يعني رضا الهي تحت.

قدرت جوپورو نظام آزاد ۽ خودڪار آهي. اهو به هڪ جمالياتي حسن آهي جنهنجو انسان جمالياتي مشاهدو ڪري، جمالياتي قدر مقرر ڪري ٿو. انهي مان جمالياتي حظ ۽ سرور، جمالياتي درد ۽ سوز ۽ جمالياتي ثروت حاصل ڪري ٿو. پر انهي لاءِ باطني ۽ جمالياتي حسن ٻنهي جو هئڻ ضروري آهي. بغير ٻنهي جي حسن جو مشاهدو نه ٿيندو نه جمالياتي ٽڪراءُ ئي ٿيندو. انهي لاءِ ٻنهي جي لاءِ ظاهر ۽ باطن جي هستي ضروري آهي.

انسان جا حواس، قلب، نفس ۽ روح سڀني جي خارجي محبت جومرڪز، سرور ۽ سوز آهي. روح کي هميشه سڀني ڪان سٺي جي طلب ۽ جستجو رهندي آهي ۽ انهيءَ راز ڪان فقط انساني سليم عقل، حسين قلب ۽ وجدان آگاهه هوندو آهي ڇو ته اصل مقصد هي آهي ته انساني روح جي خوب ڪان خوب تر جي طلب ۽ جستجو جي آرزو تي الله مضمر هوندو آهي، جيڪو حسن محض آهي ۽ يڪتا آهي. روح جيئن ته پنهنجي خارجي حسن و عشق (الله) جو شاهد آهي انهي لاءِ انهي آرزو ۽ جستجو ۾ رهي ٿو ۽ دنيوي حسين شين سان پيار ڪري ٿو ۽ انهي ۾ پنهنجي رب ۽ خالق جو پرتو ڏسي ٿو. تنهن ڪري انسان لاشعوري طور تي ڪشش ۾ رهي ٿو ۽ حسين ڪان حسين تر جي تلاش ۾ رهي ٿو. دراصل انهي ۾ الله کي ڳولي ٿو ۽ الله جي حقيقي حسن کي روح ڏسڻ چاهي ٿو جنهن ڪان جدا ٿي هن دنيا ۾ اچي ٿو، اهڙيءَ ريت خارجي دنيوي شين مان پنهنجي حقيقي باطني روحاني حسن کي تلاش ڪري ٿو اهائي هن جي جستجو ۽ تلاش هوندي آهي. حسن هر حال ۾ روح کي محبوب ۽ مطلوب آهي پوءِ چاهي اهو شڪل ۽ صورت ۾ هجي، چاهي قد و قامت، رنگ و بوءِ، آواز و آهنگ، ناز و انداز ۾ جلوه گر هجي ڇو ته روح جي الله لاءِ عظيم طلب جيڪا هن لاءِ گران قدر نعمت آهي سا جستجو ئي حسن آهي. جنهن ۾ هي

پنهنجي رب جميل خالق ۽ رحيم کي ڏسڻ چاهي ٿو ۽ انهي جي ڪري ئي انسان اهل ذوق، عالم و حڪيم، اهل درد ۽ صاحب حسن و سرور، محسن و صالح، شهيد و صديق، شاهد و مقرب ٿئي ٿو ۽ انهي درجي تي تڏهن پهچي سگهي ٿو جڏهن پاڻ ۾ الله جي جماليات کي سڃاڻڻ جي اهل بڻائي ۽ حقيقي حسن کي ڏسي سگهي. جڏهين انسان محبت سان ڏسڻ لڳي ٿو، تڏهن هر شيءِ ۾ هن کي حسن نظر اچي ٿو ڇو ته جمالياتي مشاهدو محبت جي نظر چاهي ٿو ۽ جڏهن هن کي هر شيءِ ۾ حسن نظر اچي ٿو. تڏهين هي ڇا ٿو ڏسي. تنهن بابت شاه فرمايو آهي ته:

جيڏانهن ڪريان پرک تيڏهن سڄڻ سامهون.

وري چوي ٿو ته:

ڏسڻ ڏسين جي، ته همه کي حق ڇئين
شارڪ شڪ نه ڪين، انڌا انهي ڳال ۾.

حسن لافاني آهي ڇو ته هي روح وانگر هر شي ۾ مقيد آهي جيئن موت سان روح نه مرندو آهي بلڪ انهي کان آزاد ٿي وڃي ٿو، اهڙيءَ ريت شين جي مرڻ کان پوءِ حسن مري نٿو وڃي پر آزاد ٿيو وڃي. جيئڻ حق تي موت، حرام آهي ۽ حسن حق آهي تنهن ڪري حسن تي به موت حرام آهي ڇو ته جماليات حقيقت جو اظهار ۽ اعتراف آهي. حسن دين، اخلاقيات، تهذيب تمدن، عمرانيات، ثقافت علم حڪمت ۽ هنر و فن جي جمالياتي روح آهي ۽ ڪائنات جي هر عالم ۾ هر چيز ۾ جمالياتي روح موجود آهي تنهن ڪري هر شيءِ حسين هوندي آهي.

قدرت ڪائنات جي هر شي جميل و جليل دلڪش و نظر افروز لذت آفرين و سرور انگيز، راحت افروز، روح پرور، حيرت انگيز، بصيرت افروز ۽ تعجب خيز و معجزا نما تخليقي شهڪار ڪري بڻائي آهي جيڪڏهن انهن ۾ جمالياتي روح نه هجي ته جيڪر هر شيءِ قبيح لڳي ها. حسن جمال و جلال، ذوق و شوق، ڪيف و مستي، سوز و ساز، لذت و سرور، عدل و احسان، محبت و رحمت، علم و حڪمت، احسن و خلق وغيره، سڀني نڪتن جو سر چشمو آهي. بغير انهن جي نه سڄي دنيا هجي ها نه زندگي ڏسڻ جوڳي رهي آهي ۽ اهو حسن ئي آهي جنهن جي ڪري هڪ طرف دنيا جنت ۽ فردوس دلڪش قرة العين لڳي ٿي ۽ ٻئي طرف زندگي

ايتري تہ پياري بنائي آهي جو انسان دنيا کي ۽ زندگي کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهي. ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي تہ دنيا ۽ زندگي ۾ حسن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي ۽ روح کي بہ هميشہ دنيا جي هر شيءِ ۾ حسن جي طلب ۽ جستجو رهي آهي ۽ اهوئي هن جو محبوب مطلب ۽ مقصد رهيو آهي. دين بہ انسان کي سيکاري ٿو تہ اي انسان تون پنهنجي حسن يقين و عمل سان پنهنجي داخلي ۽ خارجي دنيا کي حسين بناءِ ۽ وڌ ۾ وڌ الله جي ڪائنات مان جمالياتي سرور حاصل ڪر ۽ خود بہ صاحب حسن و سرور ۽ اهل دين و نظر بنجي رهہ.

روحانيت جي لحاظ کان فلسفہ حسن جو مطلب صداقت، حڪمت ۽ تلاش آهي. علم جو مقصد حق آهي ۽ حق آئينہ حسن آهي. ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي تہ فلسفہ حسن جي علم جو مطلب ٿيو تہ علم جي صداقت ۽ حڪمت جي تلاش، ٻين لفظن ۾ حق جي صداقت ۽ حڪمت جي تلاش ڪرڻ. حق جي صداقت ۽ حڪمت وري جماليات ۾ لڪل آهي. انهي لاءِ چيو ويندو آهي تہ جمالياتي ثروت اهل حسن و حق جي ميراث آهي، هي جتان بہ ملي اتان حاصل ڪرڻ گهرجي. قادر جي قدرت جي ڪائنات جميل و جليل آهي، هن جي هر شيءِ حسين آهي ۽ اها هن حسن الخالقين جي تخليق بالحق آهي جيڪو سيني جو رب آهي.

الله تعاليٰ رب العالمين آهي هن پوري ڪائنات کي خلقيو جنهن جي هر شيءِ حسين و جميل خوبصورت آهي انهي جو علم انسان کي مليل آهي، ۽ حسن کي سڃاڻڻ انهي جي صداقت ۽ حڪمت کي سڃاڻڻ بہ انسان جو ئي ڪم آهي. انسان وري روح ۽ نفس جو مليل عمل آهي، نفس ظاهر آهي ۽ روح باطن آهي انهي ڪري انسان جي اخلاقي سونهن سندس نفس يعني عمل مان ظاهر ٿئي ٿي. انهي لاءِ صوفين جو اصطلاح آهي تہ جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو يعني جنهن پنهنجي نفس جي حسن کي سڃاتو تنهن رب جي جماليات کي سڃاتو ۽ جنهن رب جي جماليات کي سڃاتو تنهن معرفت کي حاصل ڪيو.

روحانيت جو اصطلاح آهي تہ ڪتاب النفس و آفاق. نفس جو جمع النفس ۽ أفق جو جمع آفاق آهي. اهي ٻئي اهل نظر جي لاءِ حسن و حق، علم و حڪمت، فن و هنر، جمالياتي حقائق و معارف ۽ قانون فطرت جا آئينہ دار آهن. لهٰذا جيڪو

شخص پنهنجي نفس جو ڪتاب پڙهي وٺي ٿو انهي کي صاحب ڪتاب جي ذات وصفات جي معرفت حاصل ٿيو وڃي يا ائين چئجي ته جنهن ڪتاب نفس کي پڙهيو انهي مان پاڻ کي سڃاڻي ورتو تنهن پنهنجي نظام نفس جي عليم، حڪيم، عزيز و قدير، خالق و قيوم، مدبر و منتظم، پروردگار ۽ مالڪ کي سڃاتو.

جيئن آفاق کي قانون فطرت چيو وڃي ٿو جيڪو پنهنجي مالڪ جي صفتن جو آئينه دار آهي. جيڪو ڪائنات جي هر شيءِ ۾ جاري ۽ ساري آهي ۽ سندس سڃاڻپ انهي جو حسن آهي ۽ جنهن انهي سونهن کي سڃاتو تنهن انهي ۾ پنهنجي رب کي سڃاتو. جيڪا شيءِ پنهنجي حسين ۽ فطري حالت ۾ هجي انهي کي سليم چيو وڃي ٿو پوءِ چاهي اهو عقل ئي ڇو نه هجي. جيڪڏهن ڪنهن شخص کي الله تعاليٰ جي طرفان حسن، حق ۽ نور و هدايت هوندي آهي ته اهڙي شخص کي سليم چيو وڃي ٿو. اهڙوئي شخص الهي حسن کي سڃاڻي سگهندو ۽ انهي جو سرور ۽ سوز حاصل ڪري سگهندو. پر ڪي اهڙا به انسان آهن جن کي حسن جو مشاهدو ٿيندو نه آهي يا حسن جو مشاهدو ڪري نه سگهندا آهن، نڪي جمالياتي قدر جي تعين تشخيص ڪري سگهندا آهن. اهڙن شخصن کي حسن ڪور چيو وڃي ٿو (Beauty Blind) يا ائين چئجي ته انهي کي جمالياتي حسن (Aesthetic Sense) نه هوندو آهي ڪي وري جمالياتي ذوق کان محروم هوندا آهن.

حق اليقين، سڃاڻپ، جمالياتي سرور ۽ سوز اهي مقام حسن جا آهن تنهن ڪري حسن ٿيو:-

(الف) جيڪا شي جمالياتي سرور ۽ سوز ڏي اها حسين آهي يعني هن ۾ حسن آهي اصل ۾ حسن صوري ۽ معنوي ظاهري باطني هر اعتبار کان هي پنهنجي سڃاڻپ پاڻ آهي.

(ب) حسن صورت و سيرت، ظاهر و باطن، الفاظ و معنيٰ، معروضي و موضوعي ۾ هي سڀني ۾ پنهنجو جلوو پيدا ڪري ٿو.

(ت) ڪنهن شيءِ جي حسن جمال و جلال، خوبصورتي ۽ زيبائي کي سڃاڻي وٺڻ انهي جي جمالياتي اثرن کي محسوس ڪرڻ.

(ث) هر معروضي حسن ۽ جمالياتي تخليق ۾ حسن جو تاثر هوندو آهي.

(ث) جمالياتي سرور ۽ سوز معنيٰ جمالياتي اثر.

(ج) جمالياتي سرور باطني فرحت، جمالياتي لذت، طمانيت و مسرت، ڪيف و سرور، وجد و حال جي فرحت ۽ مسرت.

لهذا هن ڪي جمالياتي درد غم به تعبير ڪيو ويو آهي مگر هن جي نوعيت جداگانہ آهي. اها جمالياتي محبت آهي. جمالياتي محبت مان مراد عدل ۽ احسان، حسن و رحمت هوندي آهي.

جمالياتي سوز سان تزڪيہ نفس ٿئي ٿو ۽ انهي سان انسان جي باطني نظام جي اصلاح ٿئي ٿي ۽ انسان پنهنجي اصل حسين حالت ۾ واپس اچيو وڃي جيڪا هن ڪي گهربل هوندي آهي.

حسن ڪي جيڪڏهن تاثيري اعتبار کان ڏسجي تہ معلوم ٿيندو تہ حسن جمالياتي سرور ۽ سوز ڏئي ٿو، جيڪو باطني ۽ خارجي لحاظ کان اضافي جمالياتي قدر آهي جيڪو ادراڪ بالحواس وَ قلب آهي.

جمالياتي قدر جي اصطلاحي معنيٰ آهي تہ ڪنهن شيء جي حسن تي ذاتي صفاتي عنصر، جمال و جلال، حيات و قيوميت، رنگ و نور جي ڪيفيت جو انداز ڪري ليکيو ويو آهي. هي پنهنجي ذات ۾ حقيقت ۽ سچائي آهي انهي لاء مستقل ۽ دائمي آهي. جمالياتي قدر جو انحصار وري جمالياتي ٺڪراء ۽ شهود ۽ جمالياتي مشاهدن جي ڪيفيت تي هوندو آهي. انسان حواس خمسہ سان ۽ قلب، دل، و دماغ خصوصاً جمالياتي حسن و ذوق، عقل، ضمير ۽ حافظي جي مدد سان جمالياتي قدرن ڪي محسوس ۽ معلوم ڪري ۽ انهي جي اثرن ڪي قبول ڪري ٿو.

سالڪ هجي يا مغني يا شاعر هجي هرڪو پنهنجي حس هنر سان پنهنجي جمالياتي فني ۽ تخليق ۾ جمالياتي مؤزونيت پيدا ڪري ٿو ۽ پنهنجي جذبي، شوق سوز و ساز سان اُن ۾ پنهنجو جمالياتي روح وجهي ٿو ۽ اهڙيء ريت هو پنهنجي فن ۾ حسن ۽ زندگي پيدا ڪري ٿو.

ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي تہ حسن هڪ لطيف شيء آهي يا جمالياتي قدر آهي جو ظاهري، باطني، حقيقي، مجازي ۽ قرة العين آهي يا حسن اهو جمالياتي سرور ۽ سوز ڏيڻ وارو جمالياتي حظ آهي جو باطني خارجي حقيقي ۽ مجازي آهي.

مرد ۾ جلال جيترو هوندو اوترو حسين لڳندو آهي، هن باري ۾ شاهه چوي ٿو تہ:

سرمون سرخي جو، جڏهن پاتو جن،
تڏهن ڏٺي تن، رونق ريٽي جهڙي.

جيئن تہ جمال ۽ جلال گڏ حسن جا عنصر آهن ۽ ٻنهي ۾ پنهنجي پنهنجي شخصيت. جمالياتي تقاضائن مطابق هوندي آهي پر مرد ۾ جلال جي جمالياتي قوت ۽ اثر موجود هوندو آهي ۽ عورت ۾ جمال جي جمالياتي قوت ۽ اثر موجود هوندو آهي، انهي کي جمالياتي تقدير چيو ويجي ٿو.

جيئن مادي ۾ صورت مضمر هوندي آهي ۽ صورت ۾ الله تعاليٰ جو نور مضمر هوندو آهي ۽ نور ۾ رنگ مضمر هوندو آهي انهي لاءِ چيو ويو آهي تہ نور ۽ رنگ ۾ حسن مضمر هوندو آهي ۽ هر رنگ ۾ نور ۽ هر نور ۾ رنگ مضمر هوندو آهي جيئن شاهه صاحب فرمائي ٿو تہ:

ڪاري رات اڇو ڏينهن اي صفات نور
جتي پرين حضور اتي رنگ نہ روپ ڪو.

مٿئين بيت ۾ شاهه صاحب تمام سهڻي نموني ۾ حسن نور ۽ رنگ جي اهميت سمجهائي ۽ اهو بہ ظاهر ڪيو آهي تہ رنگ نور جون صفتون آهن پر جتي محبوب حقيقي آهي اتي نڪو رنگ ۽ نڪو روپ، اتي سونهن ئي سونهن آهي.

نور جا وري بہ قسم آهن: نور جمالي ۽ نور جلالي.

نور جمالي ۾ هيٺيون ڳالهيون شمار ٿين ٿيون:-

تقدس ۽ لطافت، نظافت، بهار و نزهت، عفت و معصوميت، طمانيت انگيز و دل آويزي، روح پروري و جان فزائي، قرة العين و محبوبيت.

نور جلال ۾ وري هي ڳالهيون شمار ٿين ٿيون:-

تب و تاب، جدت و نضاري، سوز، تمارت و حرارت، حيرت انگيزي و نظر افرازي.

جنهن شيء ۾ نور جمال وڌيڪ هوندو آهي انهي ۾ صفات جمالي هوندي آهي ۽ جنهن ۾ نور جلالي وڌيڪ هوندو انهي ۾ صفات جلالي هوندي آهي. نور

حسن آهي تنهن جي ڪري اندر ۾ تاثير پيدا ٿئي ٿو جنهن جي ڪري جمالياتي سرور ۽ سوز پيدا ٿئي ٿو. انهي مان مراد حسي، قلبي ۽ نفسي احساس ۽ تاثر آهي جيڪو جمالياتي شهود پيدا ڪري ٿو. اهو ائين سمجهو وجي تہ جڏهن ڪو بہ شاهد ڪنهن ظاهري حسن يا حسين شيءِ کي ڏسي ٿو يا ٻڌي ٿو يا محسوس ڪري ٿو تہ اتي هن جي اندر ۾ احساس ۽ تاثر پيد اٿئي ٿو. جنهن ڪري هن جو باطني حسن بيدار ٿئي ٿو ۽ اهڙيءِ ريت باطني ۽ ظاهري حسن جو ٽڪراءُ ٿئي ٿو. جو تہ انسان جي اندر ۾ حسن موجود آهي، جنهن جو ٽڪراءُ ٻاهرين شين جي حسن سان ٿئي ٿو ۽ انهي ٽڪراءُ ڪري شهود پيدا ٿئي ٿو. جنهن ڪري جمالياتي مشاهدو ٿئي ٿو ۽ هن ۾ رڳو حواس ڪم ڪن ٿا جن ۾ هڪ ٻڌڻ ۽ ٻيو ڏسڻ، اهڙي ريت خارفي جمالياتي مشاهدي مان حواسن جي مدد سان جمال ۽جلال (حسن) مان جيڪا آسودگي طمانيت، سرور سوز حاصل ٿئي ٿو. تنهن کي جمالياتي حظ چيو وڃي ٿو. جيڪي ڪجهہ جمالياتي مشاهدي مان حاصل ٿئي ٿو انهي ۾ خالص لذت ۽ حلاوت هوندي آهي ۽ اها لذت ۽ حلاوت تڏهن حاصل ٿئي ٿي جڏهن حسن لاءِ سچي خالص محبت هوندي آهي، جنهن کي جمالياتي محبت چيو وڃي ٿو (Aesthetic love) ۽ محبت جي شدت جو نالو عشق آهي. جڏهن عشق پيدا ٿئي ٿو تڏهن عقل جي اهميت عاشق جي اڳيان ڪجهہ نہ ٿي رهي پوءِ هر شي ۾ هن کي پنهنجو معشوق نظر اچي ٿو. اهڙيءِ ريت جڏهن انسان ۾ جمالياتي محبت پيدا ٿئي ٿي تڏهن هن جي نظر ۾ محبوب ڪان سواءِ ڪجهہ نہ هوندو آهي.

ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي تہ خارجي حسن جي ڏسڻ سان انسان جو باطني حسن بيدار ٿئي ٿو ۽ ٻنهي جي ٽڪراءُ ڪري جيڪو تاثر پيدا ٿئي ٿو انهي جو اثر اندر ۾ قلب، دل ۽ نفس تي ٿئي ٿو. جيڪو باطني هوندو آهي جنهن جي ڪري اندر ۾ سرور ۽ سوز پيدا ٿئي ٿو. اهو تاثر جڏهن محبت ۾ شدت اختيار ڪري وڃي ٿو، تڏهن عشق جنم وٺي ٿو ۽ جڏهن عشق ڪامل ٿيو وڃي ٿو تڏهن ڏسندڙ جي اڳيان معشوق هوندو آهي ۽ انهي جو حسن هوندو آهي. ٻيو ڪجهہ بہ هن کي نظر نہ ايندو آهي. جنهن کي جمالياتي حظ چيو وڃي ٿو.

جمالياتي تاثير ۾ ڪهڙيون ڳالهيون اچي وڃن ٿيون تن جو مختصر ذڪر

هيٺ ڪجي ٿو:-

جـمـال: نزاڪت، لطافت، طهـارت ۽ نظافت، مـحـبـوبيت، دلڪـشي، جاذبيت، قرة العين، حيرت، الـسـتعجاب، روح پروري، سـرور انگيزي، ڪريمي، رحيمي، حلم و بردباري، عفو و درگذري، سعادت و دردمندي، شفقت و رحمت.

جلال: عظمت و ڪبريائي، قـهاري و جـباري، قوت و صلت، شجاعت، مردانگي، هيبت و جـبرويت، رفعت و رقامت، حـيرت و تعجب، ڪيف و مـستي، بصيرت افروزي ۽ عبرت انگيزي وغيره.

مختصر تہ زندگي پنهنجيءَ ذات ۾ امر آهي تخليقات ۾ خلق آهي ۽ نور ۽ رنگ سان صورت پنهنجو جلوه پيدا ڪري ٿي ۽ نور اصل ۾ نور حسن آهي ۽ انسان حسن جي خوب کان خوب تر جي آرزو ۽ جستجو ۾ رهي ٿو ۽ جڏهن اصل حسن جو جلوو پسي ٿو تڏهن هن کي انهي مان انتها سرور ۽ سوز ملي ٿو، جيڪو هن جي قلب ۽ دل ۽ نفس کي لذت پهچائي ٿو ۽ جڏهن انهي منزل تي پهچي ٿو تڏهن هن کي حسن سان محبت ٿئي ٿي ۽ جڏهن محبت انتها تي پهچي ٿي تڏهن عشق ۾ بدليو وڃي ٿي ۽ پوءِ هي پنهنجو حقيقي محبوب يعني حق (حسن) کي پرکي وٺي ٿو ۽ هن کي هر طرف الله جو حسن ۽ جلوو نظر اچي ٿو جيئن شاه فرمايو آهي تہ:

عاشق چوم ان کي، مَ ڪي چو معشوق<br>
خالق چومَ خام تون، نہ ڪي چو مخلوق<br>
سلج تهين سلوڪ، جو ناقصئا نگيو.

شاه جڏهن الله جي حسن جي تعريف ٿو ڪري تہ چوي ٿو تہ:

چنڊ تنهنجي ذات پاڙيان تان نہ پرين سين،<br>
تون اچو ۾ رات، سـڄـڻ نـت سـوجـهـرا.